MONTHLY WAIJ KARACHI

ABC CERTIFIED

وِڻُ ويھن وَٽِ، جي سِڪين تہ سُکمو ٿيين (شاهہ)

ماهوار

# ويڄ

ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

THE MAGAZINE ABOUT HEALTH, BEAUTY AND ENVIRONMENT

گولڊن جوبلي اسپيشل



## صحت ڏٺي مون سُڏڪندي




نفعي بخش طريقي سان گند ڪچري جو نيڪال

ڪيميائي سڙڻ

ٿولهہ گهٽايو



وِڃَڻ ويهڻ وَٽِ، جي سِکين تہ سَکڻو ٿيين (شاهہ)

# MONTHLY WAIJ

# ويڄ

ABC CERTIFIED

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

THE MAGAZINE ABOUT HEALTH, BEAUTY AND ENVIRONMENT

ملهہ في ڪاپي 12 روپيا
ساليانو چندو ٻہ سئو روپيا (خاص اشاعتن سوڌو)

جلد- 7، نمبر - 4، آگسٽ 1997


## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1- اوهان جي راءِ ۾ | پڙهندڙن جا خط | 3 |
| 2- ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم | ادارو | 7 |
| 3- علاج جو سائنسي طريقو | ايڊيٽوريل | 9 |
| 4- ماءُ جي ٿڃ | پروفيسر اقبال احمد ميمڻ | 11 |
| 5- نفعي بخش طريقي سان گند ڪچري جو نيڪال | ڊاڪٽر سليمان شيخ | 15 |
| 6- صحت ڏني مون سڏ ڪندي | ڊاڪٽر پيرات جون ڳالهيون | 21 |
| 7- ڪيميائي سڙڻ | افتخار حسين "تاج" راهوجا | 25 |
| 8- ريبيز/هائڊروفوبيا | اختر آزاد چانڊيو | 27 |
| 9- ٽولهہ گهٽايو، جيئڻ سکو | فرحانہ امام ميمڻ | 29 |
| 10- پريشاني | منير احمد چنہ | 31 |
| 11- ٻار کي صحتمند ۽ پرڪشش رکڻ جا اصول | سڪندر اعظم سومرو | 33 |
| 12- ڊپريشن جو علاج | ڊاڪٽر محمد عبدالحئي ميمڻ | 35 |


رسالي ۾ ڇپيل لکندڙن جي لکڻين سان ماهوار ويڄ يا ايڊيٽوريل بورڊ جو متفق هئڻ ضروري نہ آهي.


All correspondence should be addressed to The Editor Monthly "WAIJ"
Karachi, Room No. 53, Block-A, First Floor, Mooen Steel Market,
Baba-e-Urdu Road, G.P.O. Box No. 568, Karachi, Ph: 7526716



ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ

جي ايڇ پٽي
امپيريل ڪمپيوٽر ڪمپوزرس

ڪمرو نمبر 53، بلاڪ A، پهرين ماڙ، معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ، ڪراچي، فون: 7526716



هي رسالو ڊاڪٽر ثناءُ الله کوکر فيٽرفين پرنٽرس، ڪراچي مان ڇپرائي ، ڪمرو نمبر 53، بلاڪ A، پهرين ماڙ، معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ، ڪراچي مان پڌرو ڪيو.



سرپرست
پروفيسر علي محمد انصاري
ايڊيٽر انچيف (اعزازي)
ڊاڪٽر قاضي عبدالشڪور
ايڊيٽر / مئنيجنگ ايڊيٽر
ڊاڪٽر ثناءُ الله کوکر
ڪنسلٽنٽ ڪلينيڪل ايڊيٽر (اعزازي)
ڊاڪٽر محمد زمان شيخ
ايڊيٽوريل بورڊ
اعزازي سيڪريٽري
ڊاڪٽر شمس سومرو (ڪراچي)
اعزازي ميمبر
ڊاڪٽر شرف علي شاهہ (ڪراچي)
ڊاڪٽر مسز شمشاد ميمڻ (حيدرآباد)
ڊاڪٽر يار محمد شيخ (لاڙڪاڻو)
ڊاڪٽر عبدالغفور قادري (ڪراچي)
ڊاڪٽر غلام نبي ڏيپر (نوابشاهہ)
ڊاڪٽر رفيق سومرو (شڪارپور)
ڊاڪٽر غلام مجتبيٰ ميمڻ (ڪراچي)
ڊاڪٽر خير محمد پيرزادو (ڪراچي)
ڊاڪٽر امان الله منگي (ڪراچي)

ڪارپوريٽ ائڊوائيزر (اعزازي)
محمد سليم شيخ ائڊووڪيٽ
سرڪيوليشن مئنيجر
اختر علي عباسي
ٻاهرين ٻيلي
نوازالله ڦل
خاص لکپڙهہ لاءِ (اعزازي)
سليم حيدري



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم
# نون ميمبرن جي تفصيل

284- زاهد حسين پٽ غلام مصطفيٰ سولنگي، ڪمرو نمبر 79، هاسٽل نمبر 2 چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو سنڌ.

285- ڊاڪٽر سنيل ڪمار پٽ سرڳواسي ڪيشون لعل، پوسٽ آفيس چڪ تعلقو لکي، ضلعو شڪارپور سنڌ.

286- رياض احمد پٽ محمد اڪرم سولنگي، سولنگي گهٽي محلا قافلا سراءِ لاڙڪاڻو سنڌ.

287- ڊاڪٽر غلام رسول پٽ حاجي محمد سليمان سولنگي، معرفت سليم آٽو، پوسٽ آفيس ٺارو شاهه، تعلقو پرياسٽي، ضلعو نوشهروفيروز سنڌ.

288- ڊاڪٽر غلام سرور پٽ محمد موسيٰ قريشي، هاءِ اسڪول روڊ، ٺل ضلعو جيڪب آباد سنڌ.

289- عبدالجليل پٽ محمد الياس کوهر بلوچ، معرفت پارس ميڊيڪل ۽ جنرل اسٽور حيدري بازار خيرپورميرس سنڌ.

290- ڊاڪٽر محمد يونس پٽ عبدالقدوس چنڙ، رجسٽرار پارن جو وارڊ نمڪ هاسپيٽل نواب شاهه/ ڳوٺ سومر چنڙ، تعلقو پرياسٽي، ضلعو نوشهروفيروزسنڌ.

291- صاحب خان پٽ محمد سومر ميراڻي، معرفت عبدالرحمان ميراڻي بوٽ هائوس، شاهي بازار ڏوڪري/ڊپارٽمينٽ آف فارميسي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ.

292- پون ڪمار پٽ ڳنومل ڪيماڻي، ڪمرو نمبر 52، هاسٽل نمبر 3 چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو/ پوسٽ آفيس خانپور مهر تعلقو خان ڳڙهه، ضلعو گهوٽڪي سنڌ.

293- نور مصطفيٰ پٽ حاجي محمد پناهه شيخ، گهر نمبر 700- اي بلڪل پرسان ابن ڊي ايف سي بئنڪ اسڪوائر بندر روڊ لاڙڪاڻو سنڌ.

294- رسول بخش پٽ رحمت الله مغل، پوسٽ آفيس جهلوري، تعلقو ۽ ضلع ميرپور خاص سنڌ.

295- نادر حسين پٽ محمد حسن سانگي، معرفت منظور سانگي سوئيٽ شاپ نشتر روڊ حيدري محلا، لاڙڪاڻو سنڌ.

296- غلام علي پٽ غلام حسين پٽي، گهر نمبر زيڊ-86، چنيسر ڳوٺ، محمود آباد روڊ ڪراچي.

297- ظهير احمد پٽ نورمحمد شيخ، حاجي سليمان آرڪيڊ گهٽي نمبر 2 ڊي روڊ بهار ڪالوني، لياري ڪراچي.

298- غلام مصطفيٰ مگسي، گهر نمبر 5 بلاڪ 435 پرسان زنده پير ريلوي ڪالوني، ڪينٽ اسٽيشن ڪراچي.

299- ڊاڪٽر اشفاق علي ٽالپر، ثناءِ ڪلينڪ نيو ڪلري، لياري ڪراچي.

300- راهب علي لاڪو، معرفت صباح ڪلينڪ، الفلاح روڊ بهار ڪالوني، لياري ڪراچي.

## ايڊيٽوريل

# علاج جو سائنسي طريقو

ملڪ پنهنجي ڄمار جا 50 سال پورا ڪيا آهن، انهن 50 سالن ۾ اسان ڇا پرايو ۽ ڇا وڃايو، انهيءَ جو ڪاٿو ڪرڻ ضروري آهي. صحت جي حوالي سان ڏٺو وڃي ته اسان اڃا اتي ئي بيٺا آهيون جتان شروع ڪيو هئوسين. بلڪ صحت بابت عوامي شعور اڃا به قدم پوئتي آهي.

ورهاڱي کان اڳ اسان وٽ علاج جو ديسي طريقو گهڻو مروج هو ۽ اهو بعد ۾ به جاري رهيو. انگريز سرڪار کان ورثي ۾ مليل اٽي ۾ لوڻ برابر علاج جو سائنسي طريقو صرف وڏن شهرن تائين مانوس هو. هن طريقه علاج ۾ 50 سالن اندر بظاهر ته وڏي واڌ آئي آهي پر شهري ۽ ٻهراڙيءَ واري زندگي ۾ تناسب جي حساب سان اسان اڃا اتي ئي بيٺا آهيون. اڄ به ٻهراڙيءَ جي ماڻهن کي جڏهن ڪو سور ڀرو ٿئي ٿو ته گهڻي ڀاڱي سڻين ۽ ڦڪين سان ڪم هلائي ڇڏين. اڄ به ڊاڪٽرن جو 80 سيڪڙو وڏن شهرن ۾ ڪم پيو ڪري، اسپتالن جي بسترن جي نسبت به تقريباً ساڳي آهي، ان سان گڏوگڏ اگر ڪنهن ڳوٺاڻي علائقي ۾ ڪا ڊسپينسري يا هيلٿ يونٽ قائم به ٿيو آهي ته اتي گهڻي ڀاڱي صرف بلڊنگ ئي نظر ايندي. ڊاڪٽرا يا ته مقرر ئي ڪونه ٿيو هوندو يا وري پگهار کڻندو اتان ۽ رهندو ڪنهن وڏي شهر ۾ ماڻهو ويچارا ساڳو ڏسن پتن سان، پيا ڪم هلائيندا. اگر ڪٿي ڪو ڊاڪٽر ڪم ڪندڙ به هوندو ته ان جي مسلسل طبي تربيت (Continueing Medical Education) ٿيندي ئي ڪونه يعني 20 سال اڳ جيڪي ڪجهه ميڊيڪل ڪاليج مان پرائي آيو هوندو ان تي ئي پيو ڪم هلائيندو. جڏهن ته دنيا ۾ ٿوري ٿوري وقفي سان پيون ڪيتريون نيون بيماريون اينديون. تشخيص ۽ علاج جا نوان طريقا ايندا. تحقيقتون ٿينديون پر اسان جو ڊاڪٽر گهڻي ڀاڱي انهن کان بي خبر رهندو، ملڪي ميڊيڪل ڪائونسل هر پنجين سال فيس وٺي رجسٽريشن نئين ڪري ڏيندي، ڪڏهن ڪنهن ڊاڪٽر کان چاهي اهو شهر جو هجي يا ٻهراڙي جو اها ڪانه پڇا ٿيندي ته هن پنهنجي طبي ڄاڻ کي ڪيتريقدر وقت سان گڏ وڌايو آهي.

شهرن ۾ وري جيڪي صحت جون سهولتون ڏنيون وڃن ٿيون ته اتي قائم ڪنهن به اسپتال ۾ اگر ڪو مريض ڪنهن هڪڙي مرض جي علاج لاءِ داخل ٿيندو ته گهڻي ڀاڱي پاڻ سان گڏ ٻه مرض ٻيا کڻي ايندو. ڇو ته اسپتال ۾ نه ته صحيح صفائي هوندي، نه پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ نه صحيح کاڌو. گهڻي ڀاڱي ڊسپوزل سرنجز پيون وري وري استعمال ٿينديون ۽ نتيجي ۾ مريض پاڻ سان گڏ هيپاٽئٽس-ب يا ايڊز جهڙا موذي مرض به گڏ کڻي اچي سگهي ٿو. اسان جي وس وارن کي اها گذارش آهي ته ملڪ اندر علاج جي طور طريقن کي مڪمل سائنسي نموني هلايو وڃي. هر ڊاڪٽر کي مسلسل طبي تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ پابند بنايو وڃي، صحت واري سرشتي تي باقاعده ضابطو رکيو وڃي. صحت سهولتن جي سلسلي ۾ شهري ۽ ٻهراڙي، غريب ۽ امير، ننڍي توڙي وڏي جو فرق ختم ڪري سڄي قوم کي هڪ ڪري معياري صحت مهيا ڪئي وڃي. دوائن جي واڌپي ۽ قيمتن ۾ غير ضروري واڌ تي ضابطو آندو وڃي جيئن آزاد قوم جا صحتمند جسم ۽ احساس برقرار رهي سگهن.

## پروفيسر شفيع قريشي تي حملو

ڪجهه ڏينهن اڳ سنڌ سرڪار جي صحت کاتي واري سيڪريٽري، ناميار معالج ۽ مشهور طبي استاد پروفيسر شفيع قريشي تي قاتلاڻو حملو ڪري کيس سخت زخمي ڪيو ويو- حملو ڪنهن ڪيو ۽ ڇو ڪيو ان جي ڄاڻ اڃا ڪنهن به ذريعي سان نه ملي سگهي آهي، پر اهو جيڪي ڪجهه ٿيو اهو طبي پيشي ۽ انساني صحت لاءِ وڏو هاڃو آهي.

اسان پروفيسر قريشي تي هن حملي کي سختي سان ننديندي وس وارن کان اها گهر ڪنداسين ته اهڙن ناپاڪ ارادو رکندڙ ماڻهن کي ڳولهي، انهن کي منطقي انجام تي پهچايو وڃي ۽ ان سان گڏ طبي پيشي سان واسطو رکندڙ ماڻهن کي تحفظ ڏنو وڃي. آخر ۾ اسين پروفيسر قريشي جي صحت ۽ وڏي عمر لاءِ دعاڳو آهيون.

ادارو

# آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ايم اينڊ اي)
# ڊي ايم سي اوڀر

نمبر اِي اِي/ايم اينڊ اي/ڊي ايم سي(اي)/97/01/97 تاريخ 97-07-29

# گڏيل ٽينڊر

هيٺين ڪمن لاءِ ڊي ايم سي (اوڀر) وٽان مڃيل ٺيڪيدارن ۽ مينوفيڪچرز کان مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

| جريان نمبر | ڪم جو نالو | ڪٿيل رقم | پنج سيڪڙو سوٽي رقم | ٽينڊر جو ملهه |
|---|---|---|---|---|
| -1 | سوسائٽي سب ڊويزن لاءِ فٽنگ ۽ فڪسچر جي سپلاءِ | ائٽم ريٽ | ائٽم ريٽ | 1000 رپيا |
| -2 | لانڍي ڪورنگي سب ڊويزن لاءِ فٽنگ ۽ فڪسچر جي سپلاءِ | ائٽم ريٽ | ائٽم ريٽ | 1000 رپيا |
| -3 | ايس ايف سي ۽ ملير سب ڊويزن لاءِ فٽنگ ۽ فڪسچر جي سپلاءِ | ائٽم ريٽ | ائٽم ريٽ | 1000 رپيا |
| -4 | سوسائٽي سب ڊويزن لاءِ لئمپس، چوڪس، اگنيٽر ۽ ڪيپيسٽر جي سپلاءِ | ائٽم ريٽ | ائٽم ريٽ | 1000 رپيا |
| -5 | ايل/ڪي سب ڊويزن لاءِ لئمپس، چوڪس، اگنيٽربس ۽ ڪيپيسٽر جي سپلاءِ | ائٽم ريٽ | ائٽم ريٽ | 1000 رپيا |
| -6 | ايس ايف سي ۽ ملير سب ڊويزن لاءِ لئمپس ۽ چوڪس جي سپلاءِ | ائٽم ريٽ | ائٽم ريٽ | 1000 رپيا |

**شرط ۽ ضابطا**

-1 ٽينڊر ڊاڪيومنٽس اڪائونٽسٽ آفيسر ڊي ايم سي (اوڀر)/سپرنٽينڊنگ انجنيئر ڊي ايم سي (اوڀر) واقع گلشن اقبال نزد سوڪ سينٽر ڪراچي جي آفيس ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ايم اينڊ اي) ڊي ايم سي (اوڀر) واقع سنڌي مسلم ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي بلاڪ-بي ڪراچي جي آفيس مان حبيب بئنڪ لميٽيڊ ڪي ايم سي برانچ مان پي آرڊر (ناقابل واپسي) جنهن ۾ هر ڪم جي ٽينڊر جو ملهه ڊي ايم سي (اوڀر) جي نالي ۾ هجڻ گهرجي، جمع ڪرائڻ سان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

-2 پنج سيڪڙو سوٽي رقم ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ مان پي آرڊر جي صورت ۾ ٽينڊر ڊاڪيومنٽس جاري ٿيڻ وقت لازمي جمع ڪرائڻي پوندي. (سوٽي رقم جي پي آرڊر ڪانسواءِ ڪوبه ٽينڊر جاري نه ڪيو ويندو)

-3 ٽينڊر ميونسپل ڪمشنر ڊي ايم سي (اوڀر) واقع گلشن اقبال نزد سوڪ سينٽر ڪراچي جي آفيس ۾ صبح جو 11-30 وڳي تاريخ 97-8-18 تي اهڙن ٽينڊر پريندڙن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا، جيڪي اتي موجود هئڻ جي خواهش رکندا هوندا.

-4 مجاز اٿارٽي ڪنهن به هڪ ٽينڊر کي مڃڻ يا مڙني ٽينڊرن کي رد ڪرڻ جو بنا ڪنهن سبب ٻڌائڻ جي حق محفوظ رکي ٿي.

نوٽ: موڪل واري ڏينهن جي صورت ۾ ٽينڊر ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي کوليا ويندا.

صحيح

ايڪس اي اين (ايم اينڊ اي)

انفرميشن/ڪراچي-2343/97

# ماءَ جي ٿڃ

## اهميت ۽ افاديت

پروفيسر اقبال احمد ميمڻ
ايم.بي.بي.ايس.ايف.آر.سي.پي
(ڪئناڊا)

توهان ٿڃ بخشائڻ، ٿڃ جو قسم ۽ ٿڃ جي لاءِ ٻيون به ڪيتريون ننڍيون ۽ وڏيون ڳالهيون ٻڌيون هونديون، پر نهايت افسوس جو مقام آهي ته ٿڃ جي اهميت ۽ افاديت مان تمام گهٽ ماڻهو واقف آهن ۽ انهيءَ اڻ ڄاڻائي ۾ پنهنجن معصومن کي الله جي طرفان بخشيل هن نعمت کان محروم ڪريو ڇڏين.

اها خوشيءَ جهڙي ڳالهه آهي ته هاڻ اسان جي ملڪ ۾ به ماءُ جي ٿڃ واپرائڻ متعلق اهميت تي زور ڏنو پيو وڃي، پر انهيءَ جي اهميت کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ماءُ جي ٿڃ ٻار لاءِ نه صرف ڀرپور مڪمل قدرتي غذا آهي، پر ان ۾ ڪيترين بيمارين کان بچاءَ لاءِ انيڪ عنصر به موجود آهن. ڏٺو ويو آهي ته جڏهن مائرون پنهنجي ٻارن کي مٿيون کير ڏينديون آهن ته نه صرف اهو ڪيترن پريشانين کي جنم ڏيندو آهي، پر ماءُ جي ٿڃ جي مقابلي ۾ تمام مهانگو به پوندو آهي. ماءُ جي ٿڃ تي جڏهن ٻار هوندو آهي ته ماءُ جون صرف پنج سئو ڪيلريون وڌيڪ ڪتب اينديون آهن، جيڪي هن کي وري پنجن مانين مان ملي وڃن ٿيون. اهي مائرون جيڪي پنهنجن ٻارن کي ٿڃ نٿيون پيارين اهي هيئين حقيقتن مان اندازو لڳائي سگهن ٿيون ته هو ڪيتري نقصان ۾ آهن.

١- ماءُ جي ٿڃ هر وقت ميسر آهي

٢- ماءُ جي ٿڃ ٺاهڻي نٿي پوي

٣- مٿيون کير ٺاهڻ ۾ جيڪو وقت ضايع ٿئي ٿو، سو ماءُ جي ٿڃ پيارڻ سان بچي سگهي ٿو.

٤- مٿئين کير ٺاهڻ ۾ هر وقت ڪنهن نه ڪنهن غلاظت جو انديشو هوندو آهي جڏهن ته ماءُ جي ٿڃ ۾ ڪنهن به گندگي جو ڊپ نه آهي جنهن ڪري وري ٻار دستن ۽ ٻين بيمارين کان بچيل رهي ٿو.

٥- ماءُ جي ٿڃ کي عام کير وانگر نه گرم ڪرڻ جي ضرورت آهي نه وري ٿڌي ڪرڻ جي.

٦- ماءُ جي ٿڃ ۾ نه وري ڪا کنڊ ملائڻ جي ضرورت آهي.

٧- عام کير يا ڏهي جي کير ۾ پاڻي ملائڻ جي ضرورت هوندي آهي جنهن کي Humanization چئبو آهي. ڏٺو ويو آهي ته باوجود هزار ڪوششن جي ماءُ جهڙو ٿڃ جو قدرتي Humanization ناممڪن آهي.

هر انسان ۾ قدرت هڪ دفاعي نظام خلقيو آهي، جنهن جي ذريعي هو ڪيترن مرضن کان محفوظ رهي ٿو. ان جو مثال ائين ڏئي سگهجي ٿو ته اسان جڏهن ڪنهن زخم (انفڪيشن) جو شڪار ٿيون ٿا، پوءِ پل ان جون نشانيون ظاهر ٿين يا نه پر ان مرض جي خلاف اسان جو جسم ڪي اهڙا جزا ٺاهيندو آهي، جو سڄي عمر وري اسان کي اها بيماري يا ته نه ٿيندي آهي يا وري مشڪل ٿيندي آهي. اهڙن جزن کي Anti-Bodies سڏبو آهي. ماءُ جي ٿڃ پيارڻ مان اهو به فائدو آهي ته ٻار اوائلي عمر ۾ جڏهن خود اهڙيون Anti-Bodies ٺاهڻ جي قوت کان محروم هوندو آهي ته ماءُ جي ٿڃ وسيلي ان کي اهڙيون Anti-Bodies ملنديون رهنديون آهن. اهڙين بيمارين ۾ پوليو، ٽي بي ۽ ٻيون ڪيتريون بيماريون شامل آهن.

ماءُ جي ٿڃ ۾ ڪاربوهائيڊريٽ، پروٽين ۽ چربي اهڙي خاص حالت ۾ موجود هوندي آهي جو اها ٻار جي هاضمي تي ڪو به برو اثر نه ٿي وجهي پر مٿئين ٿڃ پيارڻ سان ڪڏهن ٻارن ۾ الرجيز ٿي پونديون آهن جنهن ڪري ٻارن کي يا ته دست لڳي ويندا آهن يا وري دم به ٿي سگهي ٿو.

سائنسي تحقيقن مان پڌرو ٿيو آهي

# هيپٽائيٽس بي (B)
# بابت چند حقيقتون

- هيپٽائيٽس بي (B) هڪ موتمار بيماري آهي، جيڪا هيپٽائيٽس بي وائرس (HBV) سبب ٿِيندي آهي.
- سڄي دنيا ۾ اندازاً 2000 ملين انسان هن مرض ۾ وچڙيل آهن.
- هيپٽائيٽس بي (B) ايڊز جهڙي موذي مرض کان به هڪ سئو دفعا وڌيڪ روڳ واري آهي.
- هيپٽائيٽس بي (B) سڄي دنيا ۾ هر سال هڪ کان به ملين انسانن جي موت جي ذميوار آهي.
- هي بيماري رت (Blood) مرداڻي نطفي (Semen)، ڳوڙهن (Tears) ۽ ٻين جسماني پاڻيٺن وسيلي هڪ انسان مان ٻئي انسان ۾ منتقل ٿئي ٿي.
- پاڪستان ۾ ڏهن ماڻهن مان هڪ ڇهو هيپٽائيٽس بي (B) جو ڪيريئر آهي (ڪيريئر جو مطلب اهو انسان جيڪو ٻئي انسان کي بيماري منتقل ڪري)
- پاڪستان ۾ جگر جي ڪينسر وارن مريضن مان 62 سيڪڙو مريض، هيپٽائيٽس بي (B) ۾ مبتلا هجڻ سبب پوڙهين ٿا.
- هيپٽائيٽس بي (B) ۾ مبتلا ٿيڻ کانپوءِ ان جو ڪوبه علاج نه آهي.
- هيپٽائيٽس بي (B) جي مرض کي صرف ۽ صرف ان جي روڪٿام وارين سُين (Vaccination) سان ئي روڪي سگهجي ٿو.

**پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي ٻارن کي هيپٽائيٽس بي (B) جي هاڃن کان بچايو، اڄ ئي ان جي روڪٿام واريون سُيون (Vaccination) لڳرايو.**

## پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن پاران
## ماڻهن ۾ صحت جي سجاڳي آڻڻ جو پيغام

بنجي پئي آهي. جنهن کي بين الاقوامي ادارن، مئل ندي (Dead river) ڪوٺيو آهي.

اسان جي ندين ۾ پڻ گندو پاڻي وهايو پيو وڃي. ڪراچي ۽ اسلام آباد ۾ ان پاڻيءَ کي ڪيميائي علاج وسيلي استعمال جوڳو بنائڻ وارا طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا، پر تنهن هوندي به اهي اطمينان بخش ڪونه آهن. لاهور وارا روزانو 389 ملين گيلن گندو پاڻي راويءَ ۾ اڇلين ٿا. سياري ۽ پاڻيءَ جي لاٿ واري موسم ۾ اهو گندو پاڻي سراسري طور موجود پاڻي جيترو هجي ٿو.

وهندڙ پاڻيءَ جي واهه يا نديءَ ۾ غلاظتن کي جذب ڪرڻ جي هڪ حد تائين قوت موجود هوندي آهي، جيستائين گندي پاڻيءَ جي آڪسيجن لاءِ گهربل آڪسيجن موجود هوندي آهي تيستائين خير آهي، پر جيڪڏهن گهربل آڪسيجن موجود پاڻيءَ ۾ نه آهي ته ان صورت ۾ گندي پاڻيءَ کي ڪيميائي طريقن سان غيرمضر بنايو وڃي. هنن طريقن وسيلي پاڻيءَ ۾ ترندڙ نهرين شين کي ڌار ڪرڻ ۽ بيمارين جي جيوڙن کي ناس ڪري ڇڏڻ کپي. مختلف شهرن ۾ پيدا ٿيندڙ گندي پاڻيءَ جا انگ اکر ڪجهه هن ريت آهن.

| | | |
|---|---|---|
| ڪراچي | 300 | ملين گيلن روزانه |
| لاهور | 241 | ملين گيلن روزانه |
| فيصل آباد | 40 | ملين گيلن روزانه |
| ملتان | 40 | ملين گيلن روزانه |
| پشاور | 18 | ملين گيلن روزانه |
| حيدرآباد | 15 | ملين گيلن روزانه |
| راولپنڊي | 13 | ملين گيلن روزانه |
| ڪوهاٽ | 2.4 | ملين گيلن روزانه |
| ڪوئيٽا | 2 | ملين گيلن روزانه |

**سنڌو، چشمه کان هيٺ رڳو 15 لک ماٿهن جي غلاظت کي جذب ڪري سگهي ٿي. جڏهن ته گڊوءَ کان هيٺ منجهس 11 لک ماٿهن جي غلاظت جذب ڪرڻ جي سگهه باقي بچي ٿي. هن صورتحال تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڇا اسان سنڌوءَ کي هڪ سگهاري ۽ تواني نديءَ مان هڪ مئل نديءَ ۾ ته تبديل ڪري نه رهيا آهيون. اسان جي غفلت اسان کي يقينن ان طرف وٺي پئي وڃي.**

ڪنهن به نديءَ جي تازي رهڻ جي اهليت انجي خود خالصيءَ جي تناسب تي مدار رکي ٿي. هيءَ تناسب وري پاڻيءَ جي رسد تي مدار رکي ٿو.

سنڌو طاس واري ندين جي سرشتي ۾، گهڻو ڪري ندين وڏي وهڪري ۽ گهٽ رفتار سان وهن ٿيون. هنن جو خود خالصيءَ وارو تناسب 1.5 کان 2 تائين آهي.

گهٽ رفتار وارين ندين ۾ جذب ڪرڻ واري خاصيت ان ڳالهه تي مدار رکي ٿي ته ان ۾ مڇيءَ جي زنده رهڻ لاءِ اهڙي پاڻيءَ جي هر هڪ لٽر ۾، آڪسيجن جا گهٽ ۾ گهٽ 4 ملي گرام موجود هئڻ کپن، انهن بنيادن کي نظر ۾ رکندي هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا.

سنڌو، چشمه کان هيٺ رڳو 15 لک ماٿهن جي غلاظت کي جذب ڪري سگهي ٿي. جڏهن ته ڪُڊوءَ کان هيٺ منجهس 11 لک ماٿهن جي غلاظت جذب ڪرڻ جي سگهه باقي بچي ٿي. هن صورتحال تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڇا اسان سنڌوءَ کي هڪ سگهاري ۽ تواني نديءَ مان هڪ مئل نديءَ ۾ ته تبديل ڪري نه رهيا آهيون. اسان جي غفلت اسان کي يقينن ان طرف وٺي پئي وڃي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته گندي پاڻي کي ڪيميائي عمل مان گذاري پوءِ واهن ۽ ندين ۾ وهايو وڃي، ان لاءِ ڪيترائي طريقا عمل هيٺ آهن، پر اسان وٽ آسان طريقو گندي پاڻيءَ کي شهرن کان ٻاهر تلائن ۾ ڪٺو ڪري ان کي قدرتي وسيلن سان غير مضر ڪري ۽ ڇاڻي پوءِ نديءَ جي حوالي ڪجي يا پوکيءَ لاءِ استعمال ڪجي.

کان بچڻ لاءِ کڏن کي اندران سرن سان پڪو ڪري سگهجي ٿو.

7- کڏن ۾ ڪچرو پرڻ ڪانپوءِ انهه کي اٿلائڻ پٿلائڻ ۽ ان جي مٿان مٽي واري چڙهڻ سان ڪچرو 4 کان 6 هفتن ۾ ياڻ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو.

8- هن ياڻ ۾ مٿئين، وچئين ۽ هيٺئين تهه جا ڪجهه نمونا، ليباريٽري ۾ تپاس لاءِ موڪلجن ٿا. پي سي ايس آءِ آر جي ليباريٽريءَ ۾ هن ياڻ ۾ موجود زمين جي غذائيت جي جزن جو پتو لڳايو وڃي ٿو.

9- ان ڪانپوءِ هن ياڻ کي ٻورين ۾ بند ڪري وڪري لاءِ موڪليو وڃي ٿو.

هن سلسلي جو ٻيو مثال بندونگ ميونسپل ڪارپوريشن جو آهي جيڪا 1985 ۾ قائم ٿي ۽ سرڪاري نظرداريءَ ۾ هڪ خانگي اداري طور ڪم ڪري ٿي. گذريل ڏهاڪو کن سالن ۾ هتي گند ڪچري جي وري وري ڪم آڻڻ جا ڪيترائي نوان طريقا استعمال ڪيا آهن.

1- گند گڏ ڪرڻ ۽ گهرن مان ٻاهر ڪڍڻ جي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ مقامي ماڻهن سان بهتر تعلقات قائم ڪرڻ ۽ مقامي انجمنن سان رابطو وڌائڻ لاءِ سڀ کان پهرين قدم کنيا ويا.

2- گهٽين ۽ پاڙن ۾ هڪ هڪ ماڻهو مقامي حفاظتي ڪارڪن طور چونڊيو ويو جنهن کي گند ڪچري جي گڏ ڪرڻ ۽ صحت جي لاڳاپيل مسئلن متعلق ڄاڻ ڏني ويئي.

3- عورتن جون ٽوليون ٺاهي کين صحت سکيا ۽ خانداني منصوبه بنديءَ جي تعليم ڏني ويئي.

> گند ڪچري کي ٻيهر استعمال جوڳو بڻائي ان وسيلي ايتري رقم ڪمائي سگهجي ٿي ته جيئن صفائي تي ايندڙ خرچن جو پورائو ٿي سگهي

4- ڪچري گڏ ڪرڻ لاءِ خاص ماڻهو رکيا ويا جيڪي گهرن مان ڪچرو گڏ ڪري ڪٺي ڪرڻ وارين جاين تائين پهچائين ٿا.

5- مقامي سماجي انجمن کي گند گاڏا مهيا ڪيا ويا.

6- ميونسپل قانون جوڙي گند گڏ ڪرڻ وارين انجمن کي اهڙو قانوني اختيار ڏنو ته اهي ماهوار 1250 رپيا هر گهر کان ڪچري جي صفائيءَ جي مد ۾ حاصل ڪري سگهن.

7- مقامي انجمنون هر گاڏيءَ تي هڪ هزار رپيا پي ڊي ڪي کي سندن خرچن لاءِ ڏين ٿا.

8- پهريائين ڪچرو هڪ متبادل جاءِ تي 20 ڪيوبڪ ميٽر هودين ۾ ڪٺو ڪيو ۽ پوءِ اتان گهٽو پري نيڪال واري جاءِ تي نيو وڃي ٿو.

9- اتي ان ڪچري مان ڪاغذ ۽ پلاسٽڪ، ڌاتو ۽ شيشو الڳ ڪري وري ڪم ۾ آڻڻ ڪرڻ لاءِ مختلف ڪارخانن ڏانهن نيو وڃي ٿو.

10- باقي ڪچرو ياڻ ٺاهڻ لاءِ موڪليو وڃي ٿو. هتي ياڻ ٺاهڻ جو طريقو ڪجهه مختلف آهي. ڪچري کي ڪوکن ۾ لتاڙي ڀريو وڃي ٿو. ڪوکن کي 46 ڏينهن اس ۾ ساڙيو ۽ ان دوران ڪچري کي هيٺ مٿي ڪرڻ ۽ ان ۾ اڃي ڇن گڏڻ جو عمل جاري رهي ٿو.

11- بندونگ شهر جي ٺهيل ياڻ کي ايگريڪلچر ايڪسٽينشن ڪاليج بندونگ وارن تمام گهڻو پسند ڪيو ۽ اهو جاوا جي تجرباتي فارمن ۾ استعمال ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ هي ياڻ مارڪيٽ ۾ وڪامڻ لڳو آهي ۽ زمين کي تازي تواني رکڻ لاءِ هن قسم جو ياڻ استعمال ڪيو وڃي ٿو. هن سڄي محنت سبب اڄ بندونگ کي انڊونيشيا جو صاف ترين شهر سمجهيو وڃي ٿو.

## هنن تجربن جي بنياد تي هيٺان نتيجا نڪرن ٿا:

1- گند ڪچري کي ٻيهر استعمال جوڳو بڻائي ان وسيلي ايتري رقم ڪمائي سگهجي ٿي ته جيئن صفائي تي ايندڙ خرچن جو پورائو ٿي سگهي.

2- گهرن ۽ گهٽين کي صاف رکڻ لاءِ شهرين جي مدد ۽ گهريلو عورتن جي ساٿ جي اشد ضرورت آهي.

3- ميونسپالٽيون ۽ ٻيا شهري ادارا جيڪي صفائيءَ لاءِ ذميوار آهن، اهي اڪيلي سر شهرن کي صاف رکڻ وارو ڪم ڪري نٿا سگهن. انهن کي مقامي سماجي ادارن، گهٽين ۽ پاڙن جي سماجي ڪارڪنن کي پاڻ سان گڏ وٺي هلڻو پوندو.

4- بنيادي صحت جا هدف صفائيءَ جي سائنسي انتظام کانسواءِ پورا ٿي نه سگهندا.

(ماحول جي ٿورن سان)

# جشن آزادي مبارڪ

پوري قوم جشن آزادي ملهائي رهي آهي، ان خوشيءَ جي موقعي تي ڪراچي ڀهراڙي جو عوام ڪروڙين هم وطنن سان ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ جاکوڙ ۾ گڏ آهي. ان خوشي جي موقعي تي پنهنجي بزرگن جي عظيم قربانين کي فراموش نہ ڪيون. انهن جي ناقابل شڪست اتحاد ڪري اسان کي آزاد وطن مليو، اڄ بہ ان وطن جي حفاظت اتحاد سان ئي ممڪن آهي.

اچو تہ ان موقعي تي وري اتحاد جو مظاهرو ڪريون، وطن عزيز جي حفاظت لاءِ هڪ ٿيون.

KARACHI

پاران

## عبدالغفار صديقي

ايڊمنسٽريٽر

ضلع ڪائونسل ڪراچي

چا پر منهنجي رکوالي جا دعويدار به مون تي ۽ منهنجين ڳالهين تي ڌيان ڪونه ڏيندا آهن. اچا بڌ ته بڌايائين، عالمي اصولن هيٺ ملڪي سرڪار منهنجي واڌ ويجهه ۽ حفاظت جي پابند آهي، ان به اڄ ڏينهن تائين مونکي پنهنجو پورو ته چا پر ان جو چوٿون حصو به ڪونه ڏنو آهي".

هن جي ڳالهه اڌ مان ڪٽيندي، چيو مانس "خدا جي واسطي مونکي وڌيڪ امتحان ۾ نه وجهه، پريشان نه ڪر، پنهنجي اصلي ڄاڻ سڃاڻ ڏي".

"بس ايتري ۾ پريشان ٿي وئين مان ته اهي ڏک سور هن ملڪ ۾ پنجاهه سالن کان سانديو کنيو ٿي وتان، تون ته چند منٽن ۾ بيزار ٿي وئين، هاڻي هتي ويهه منهنجا مٺا ته سور سليون". هن پنهنجي اصلي داستان شروع ڪئي. "مان هڪ بين الاقوامي تنظيم جو ڀاڱو آهيان ان جي قاعدن قانون موجب مون کي به منهنجي ٻين ميمبر ساٿين کي دنيا جي هر ملڪ ۾ ڏک توڙي سک سان وقت گذارڻو آهي. جڏهن هي ملڪ نهيو ته ان وقت آئون به هتي گهڙيس. پر اڄ ڏينهن تائين هتي ڪنهن به ڏر ڀاران منهنجو ڪو قدر ڪونه ڪيو ويو آهي. مان ته هتي ماڻهن جي خوشحالي لاءِ آيس پر الٽو پاڻ بدحال ٿي ويس. هن ملڪ ٺهڻ کان اڳ سال ١٩٤٦ع ۾ انگريزن هن پرڳڻي لاءِ منهنجي سلسلي ۾ هڪ ڪاميٽي ويهاري هئي جنهن جو نالو "Bhore Commission" هو"— بور ڪميشن جو نالو ٻڌندي ئي منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي، دماغ چڪرائجي ويو، ڇو ته ڊاڪٽر هئڻ جي ناتي مون کي اها ڳالهه فوراً ذهن ۾ اچي وئي ته بور ڪميشن انگريزن صحت جي سلسلي ۾ ويهاري هئي، جنهن جا بنيادي مقصد هيٺيان هئا.

هتي ته هونئن به هر ڪو ڪم وڏن ماڻهن لاءِ ٿيندو آهي. منهنجي بنيادي پروگرامن جي سلسلي ۾ اگر ڪا چرپر ٿيندي به ته اها وري فائيو اسٽار هوٽلن ۾ يا شهر جي وڏن وڏن علائقن ۾- ويچارا ٻهراڙين وارا ته ان کان بلڪل محروم رهندا، جڏهن ته ملڪ جي اڪثريت رهي ئي ٻهراڙين ۾ ٿي ۽ سڄي دنيا مان غريبن جي آڙ ۾ فنڊ ورتا وڃن ٿا

(١) ڪنهن به ماڻهو کي علاج معالجي کان محروم نه ڪيو ويندو، چاهي ان وٽ علاج جو خرچ نه به هجي.

(٢) صحت جون سهولتون آهستي آهستي وڌايون وينديون، جيئن اڳتي هلي هر هنڌ ليبارٽري ۽ مرض جي سڃاڻ جون سڀ سهولتون مهيا ٿين ۽ علاج جا طور طريقا بهتر ٿين.

(٣) صحت جي سهولتن وڌائڻ سان گڏوگڏ بيماري جي روڪٿام لاءِ وڌيڪ اپاءَ ورتا ويندا ۽ صحتمند ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ نوا طور طريقا اختيار ڪيا ويندا.

(٤) ڳوٺاڻن علائقن ۾ جلدي ۽ بهتر صحت جون سهولتون ۽ بيمارين جي روڪٿام جا طريقا متعارف ڪيا ويندا.

(٥) صحت جون سهولتون وڌ ۾ وڌ عام ماڻهن تائين پهچائبيون جيئن هو ان مان وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪري سگهن.

(٦) ڪنهن به صحت جي پروگرام کي ڪامياب ڪرڻ ۽ وڌائڻ ۾ عام ماڻهو جو ڀرپور تعاون وٺڻ ضروري آهي.

صحت کي انهي حال ۾ ڏسي آئون ڪيس تڪيندو رهيس ۽ منهنجيون اکيون آليون ٿيڻ لڳيون "

چيو هئومائين نه، ته مون کان پري بيهه متان مون سان گڏ سڏڪڻ نه شروع ڪرين". هن چيو "اڄ ته ڳالهه ئي اهڙي ٿي آهي جنهن جي ٻڌڻ سان انسان ته ڇا پٿر به روئڻ شروع ڪندا". مون چيو- "هاڻي آرام سان ويهه ته سور سليون سڀ کان پهريائين توکي اهو ٻڌائيندي هلان ته مون کي هن ملڪ ۾ ڪنهن ڪنهن لٽيو آهي. ڪنهن ڪنهن ڌتڪاريو آهي ۽ ڪير ڪيئن مون کان پري رهي ٿو. مون کي هن ملڪ ۾ نڌڻڪو سمجهي منهنجي عالمي تنظيم ۽ ان سان لاڳاپيل ٻيون تنظيمون منهنجي واڌ ويجهه لاءِ هن وقت تائين ڪروڙين ڊالر امداد ڏئي چڪا آهن، پر هن ديس ۾ چند درندن اها رقم مون تي خرچ ڪرڻ بجاءِ پنهنجن ذاتي مقصدن لاءِ استعمال ڪئي. ها ڪاغذي ڪارروائين ۾ ضرور مون تي خرچ ڏيکاريو وڃي ٿو، پر تون ئي ٻڌاءِ ته اگر ان جو اڌ به مون تي صحيح خرچ ٿئي ها ته ڇا مان اڄ هن حال ۾ هجان ها. وٽ مثال ملڪي بجيٽ جو جيڪا هر دور حڪومت ۾ منهنجي لاءِ اتي ۾ لوڻ برابر رکي ويندي آهي، پر اها به مون تي صحيح استعمال ڪونه ڪئي ويندي آهي. هتي ڪُترڻ وارن ٻين ته سيني

# ڪيميائي سڙڻ ۽ ان جو ترت علاج

# Chemical Burns and their emergency Treatment

افتخار حسين "تاج" راهوجا

اڄ جي هن سائنسي ترقيءَ واري دور ۾ اسان جو گهر يا گهر کان ٻاهر ڪيترين ئي ڪيميائي شين (Chemicals) سان واسطو پوي ٿو، جيئن گنڌڪ جو تيزاب يا سلفيورڪ ايسڊ، شوري جو تيزاب نائٽرڪ ايسڊ، هائڊروڪلورڪ ايسڊ ۽ گهميل بيٽريون، آٽوموبائيل بيٽريون اهي سڀ تيزابي طاقت رکندڙ آهن ۽ جسم جي چمڙيءَ ۽ گهرڙن (Cells) جي تباهيءَ جو سبب ٿين ٿا. ان کان علاوه ڪيترائي ڌاتو صاف ڪندڙ پڻ تيزابي قوت رکندڙ آهن ۽ اسانجي روزمره جي زندگي ۾ ڪم اچن ٿا.

هن ڪيميائي ترقيءَ جي دور ۾ جهڙيءَ طرح اسان ڪيميا مان ڪيترائي فائدا حاصل ڪيون ٿا، ساڳي طرح ڪيترائي نقصان پڻ پوڳٿا پون ٿا. ڪيميائي سڙڻ بہ انهن ڪيميائي نقصانن مان هڪ اهم نقصان آهي. ڪيميائي سڙڻ عام طرح تيزابي سڙڻ (Acid Burs) يا اساسي سڙڻ (Alkali Burns) ٿين ٿا، جن لاءِ ترت اپاءُ وٺڻ سان ڪافي حد تائين وڏي نقصان کان بچي سگهجي ٿو، مٿي بيان ڪيل يا ڪن ٻين تيزابن ذريعي سڙڻ جي صورت ۾ هيٺيون تدبيرون اختيار ڪرڻ گهرجن.

**ترت علاج:**

(١) سڀ کان پهريائين صاف، تازي ۽ ٿڌي پاڻيءَ جي تمام گهڻي مقدار سان متاثره جڳهہ تان تيزاب کي بلڪل ڌوئي صاف ڪريو. (٢) جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، ان ڪپڙي کي لاهي يا ڪٽي اڇلائي ڇڏجي جنهن کي تيزاب لڳو هجي (٣) مريض کي ڪنهن وهنجڻ واري ڦوهاري هيٺان ڪٽي وجو، جيڪڏهن اهو ممڪن نہ هجي تہ جيتري قدر ٿي سگهي پاڻي تيز ڌار جي صورت ۾ متاثر جڳهہ تي هاريو (۴) پر اهو احتياط ضروري رهي تہ جيڪڏهن متاثر جڳهہ تان چمڙي يا گهرڙا گهڻا تباهہ ٿيا هجن يا اکڙي پيا هجن تہ پوءِ ڪڏهن بہ تيز ڌار وارو پاڻي نہ هاريو (۵) ڪجهہ دير مسلسل پاڻي هارڻ کانپوءِ ڪافي تيزاب پاڻي جي ڌار ۾ صاف ٿي ويندو (٦) ان کانپوءِ سوڊيم ڪاربونيٽ يعني لوڻ جو هلڪو ڳار يا ڪنهن ٻئي هلڪي الڪلي ڳار جيئن چن جو پاڻي (Lime Water) متاثر جڳهہ تي لڳايو (٧) تيزابي سڙڻ کي بي اثر يا بي ضرر (neutrilized) ڪرڻ ۾ هميشہ احتياط ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ تيزاب ۽ اساس وچ ۾ ڪيميائي ردعمل تمام گهڻي گرمي پيدا ٿيندي

ڪيميائي سڙڻ بہ انهن ڪيميائي نقصانن مان هڪ اهم نقصان آهي. ڪيميائي سڙڻ عام طرح تيزابي سڙڻ (Acid Burs) يا اساسي سڙڻ (Alkali Burns) ٿين ٿا، جن لاءِ ترت اپاءُ وٺڻ سان ڪافي حد تائين وڏي نقصان کان بچي سگهجي ٿو

**ان صورت ۾ مريض کي هيٺ اهڙي طرح سمهاريو جو ان جو مٿو ۽ سينو باقي جسم کان ٿورو هيٺ هجي، هاڻي جيترو جلدي ٿي سگهي مريض کي ڪنهن ويجهي اسپتال، ڪلينڪ يا ميڊيڪل سينٽر تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪريو.**

آهي، جيڪا زخم کي خراب ڪري سگهي ٿي (٨) هاڻي هڪ دفعو ٻيهر تازي، صاف ۽ ٿڌي پاڻي سان متاثر جڳهه کي ڌوئجي ۽ نهايت آهستگيءَ سان جيوڙامار ڪپڙي جي چار يا ڇهه سان زخم کي صاف ۽ خشڪ ڪجي، پر خبردار اوهان جي ان عما سان زخم کي ڪو نقصان نه رسڻ گهرجي، مثال: **چمڙي** نه ڦاٽي يا سڙڻ ڪري پيدا ٿيل لڦون (Blisters) نه ڦسن.

**متاثر ٿيل جڳهه تي پاڻي هاريندا رهو، ائين ڪرڻ سان متاثر ٿيندڙ ڪيميائي جزو متاثر ٿيل هنڌ تان صاف ٿي ويندو**

تمام گهڻو تيزابي سڙڻ تمام گهڻي سور ۽ صدمي جو سبب بڻيو آهي، ان صورت ۾ مريض کي هيٺ اهڙي طرح سمهاريو جو ان جو مٿو ۽ سينو باقي جسم کان ٿورو هيٺ هجي، هاڻي جيترو جلدي ٿي سگهي مريض کي ڪنهن ويجهي اسپتال، ڪلينڪ يا ميڊيڪل سينٽر تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪريو.

### اساس سان سڙڻ

### (Alkali Burns) :

آساس صابڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي شين جي تياريءَ ۾ ڪم اچي ٿو، ان کان علاوه ڪيترن ئي گهرو شين جي صفائي ۾ پڻ ڪم اچي ٿو. اساس چربيءَ سان ملي صابڻ ٺاهي ٿو. اساس جڏهن انساني جسم تي ڪري ته تمام گهڻو تڪليف ڏيندڙ زخم ڪري ٿو. اساس ذريعي سڙڻ سان هيٺيون تدبيرون اختيار ڪرڻ گهرجن.

### ترت علاج

### :Emergency Treatment

(١) سڀ کان پهريائين صاف تازي ۽ ٿڌي پاڻي جو ججهو تيز ڌار متاثر ٿيل جڳهه تي هاريو (٢) ان کانپوءِ مريض کي ڪنهن وهنجڻ واري ڦوهاري هيٺان ڪٽي ويجو. جيڪڏهن ممڪن هجي نه ته ٻي صورت ۾ جيتري قدر ٿي سگهي متاثر ٿيل جڳهه تي پاڻي هاريندا رهو، ائين ڪرڻ سان متاثر ٿيندڙ ڪيميائي جزو متاثر ٿيل هنڌ تان صاف ٿي ويندو يا ان جي نقصان پهچائڻ جي صلاحيت گهٽجي ويندي (٣) اهو احتياط ضروري آهي ته ايترو زور سان پاڻي نه وهائجي جو متاثر ٿيل هنڌ جي چمڙي يا گهرڙا متاثر ٿين (۴) اساس سان متاثر ٿيل ڪپڙو پڻ لاهي يا ڪٽي اڇلائي ڇڏڻ گهرجي. (۵) متاثر ٿيل جڳهه تان باقي اَساس ختم ڪرڻ لاءِ متاثر ٿيل جڳهه تي سرڪو، ليمي جي رس يا ان جي برابر ڪو ٻيو هلڪو تيزاب لڳايو (٦) هاڻي هڪ دفعو ٻيهر تازي، صاف ۽ ٿڌي پاڻيءَ سان متاثر ٿيل جڳهه ڌوئو (٧) هاڻي نهايت احتياط سان صاف ۽ جيوڙن کان پاڪ ڪپڙي سان متاثر ٿيل جڳهه خشڪ ڪريو، تمام گهڻو احتياط ڪيو، جيئن لڦون نه ڦسن. ٻي صورت ۾ ڦٽ جي وڌڻ جا امڪان گهٽا ٿي ويندا. جنهن ڪري انفڪيشن جو خطرو ٿي پوندو آهي. ان کانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي مريض کي ويجهي اسپتال يا ڪلينڪ پهچايو.

# ريبيز/هائڊرو فوبيا

# HYDROPHOBIA/RABIES

اختر آزاد چانڊيو
ٽيون سال ايم. بي. بي. ايس
چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج
لاڙڪاڻو

ريبيز يا هائڊرو فوبيا هڪ انتهائي موتمار وائرسي بيماري آهي، جيڪا مرڪزي تنتي سرشتي تي اثرانداز ٿئي ٿي. هن بيماريءَ جو وائرس جهنگلي جانورن خاص طور تي ڪتي، ٻلي، لومڙي، چمڙيءَ ۽ ڪجهه ٻين کير پياڪ جانورن ۾ موجود هوندو آهي. جڏهن ته ڪئي جي چڪ پائڻ سان هيءَ بيماري بلڪل نه ٿيندي آهي.

ڪنهن به اهڙي چتي جانور جي چڪ سان، زخمي جڳهه تي ان جي ٿُڪ يا رت لڳڻ سان هن بيماريءَ جو وائرس انسان ۾ منتقل ٿي سگهي ٿو. جسم ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ هن بيماريءَ جو وائرس تنتي ڌاڳن (Nerve fi-bers) جي مدد سان ڦهريائين مغزي ڏوريءَ بعد ۾ دماغ تائين پهچي ٿو ۽ ان کان بعد ۾ جسم جي مختلف عضون ڏانهن منتقل ٿئي ٿو. واضح رهي ته وائرس جي مرڪزي تنتي سرشتي تائين پهچڻ کانپوءِ ان جو ڪوبه علاج نه آهي. هن بيماريءَ جو وائرس جسم ۾ تقريبن ١٠ ڏينهن تائين رهندو آهي. تنهن ڪري ڪوبه چتو جانور وڌ ۾ وڌ ١٠ ڏينهن تائين زنده رهي سگهي ٿو.

## چتي جانور جون علامتون

جيڪڏهن اوهان کي متي چاتايل جانورن ۾ هيٺيون نشانيون نظر اچن ته پوءِ پڪ سان اهو جانور چتو آهي.

(١) عام طور چتو جانور پري کان ئي چريو نظر ايندو آهي، اهڙي جانور جو انسانن ۽ ٻين جانورن کان خوف بلڪل ختم ٿي ويندو آهي.

(٢) جانور جو کائڻ ۽ پيئڻ بلڪل بند ٿي وڃڻ.

(٣) جانور کي بار بار پيشاب اچڻ.

(٤) جانور کي بار بار مرگهيءَ جا دورا پوڻ، سندس دماغ جو باقي جسم تي ڪنٽرول ختم ٿي وڃڻ.

(٥) جانور جي مختلف عضون جو مفلوج ٿي وڃڻ.

(٦) جانور کي تمام گهڻي ٿڪ Saliva اچڻ (جنهن جو سبب سندس نڙي جو مفلوج ٿي وڃڻ سبب ڳيت ڏئي نه سگهڻ آهي).

(٧) ١٠ ڏينهن اندر جانور جو مري وڃڻ.

## ريبيز جون انسان ۾ علامتون:

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي چتو جانور چڪ پائي ته ضروري نه آهي ته ان کي ريبيز جي بيماري هڪدم ٿي پوي، چو ته هي وائرس انساني جسم ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ تقريبن ١٠ ڏينهن کان هڪ سال تائين پنهنجي واڌ ويجهه ڪندو رهندو آهي ۽ ان عرصي دوران ڪابه بيماريءَ جي علامت ظاهر نه ٿيندي آهي. دراصل بيماريءَ جي ٿيڻ جو سڄو دارومدار وائرس جو مرڪزي تنتي سرشتي CNS تائين پهچڻ تي آهي، (يعني وائرس جو چڪ پاتل يا ٿڪ لڳل جاءِ کان دماغ تائين پهچڻ) هيءَ ئي اهو قيمتي وقت آهي جنهن دوران ويڪسين لڳرائي وائرس کي مرڪزي تنتي سرشتي تائين پهچڻ کان اڳ ئي ڪاميابيءَ سان روڪي سگهجي ٿو. پر جيڪڏهن هڪڙو دفعو به وائرس جو مرڪزي تنتي سرشتي تي حملو ٿيو ته ان جو ڪوبه علاج نه آهي.

جيڪڏهن خدانخواسته ڪنهن ماڻهو کي ريبز جي بيماري ٿي پوي ته عام طور هيٺيون نشانيون نظر اينديون آهن.

(١) پاڻي کان ڀؤ Hydrophobia

(٢) بخار، مٿي جو سور، جسماني ڪمزوري، بي چيني

(٣) مختلف عضون جو مفلوج ٿيڻ.

(٤) چڪ پاتل جاءِ تي ڦهريائين سوڄ ۽ سور بعد ۾ ان جاءِ جو سُن ٿي وڃڻ.

(٥) نڙ گهٽ ۽ نڙي جي اوچتو اوچتو سڪڙجڻ سبب کائي پي نه سگهڻ

۽ ساهه کڻڻ جي تڪليف.

(٦) ٿڪ جو تمام گهڻو اچڻ

(٧) دماغي سوچ، جهٽڪا، بيهوشي ۽ آخرڪار موت.

**علاج:**

هن بيماريءَ جي ٿيڻ ڪانپوءِ ان جو ڪوبہ علاج نہ آهي. البتہ چتي جانور جي چڪ ڪانپوءِ ۽ بيماريءَ جي وائرس جو مرڪزي تنتي سرشتي تي حملي کان اڳ انتهائي ڪامياب ويڪسين موجود آهي. طب جي دنيا ۾ ريبيز جي ويڪسين تمام وڏي اهميت رکي ٿي. هن ويڪسين جو تيار ڪندڙ دنيا جو مشهور ڪيميادان لوئس پاسچر آهي، جنهن جو هتي مختصر ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. فرانس جو مشهور ڪيميادان لوئس پاسچر ٢٧ ڊسمبر ١٨٢٢ع ۾ فرانس جي شهر ڊولي ۾ پيدا ٿيو. ١٨۴٧ع ۾ فرانس جي ايڪولي نارملي مان گريجوئيشن ڪيائين ۽ ان ڪانپوءِ ڪيمسٽري جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو. طب جي تاريخ ۾ هي پهريون شخص هيو جنهن چتي ڪتي لاءِ ويڪسين تيار ڪري انسانيت تي وڏو احسان ڪيو. شروع شروع ۾ پاسچر چتي ڪتي جو علاج ڪتن تي ئي آزمايو ۽ ڪجهہ سالن ڪانپوءِ ١٨٨٥ع ۾ پهريون ڀيرو اها ويڪسين هڪ انسان تي آزمائي وئي ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪاميابيءَ سان استعمال ڪئي وڃي ٿي. دنيا جو هي عظيم سائنسدان ١٨٩٥ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس تيار ڪيل ويڪسين جي ميڄتا طور فرانس ۾ "پاسچر انسٽيٽيوٽ" قائم ڪيو ويو.

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪو جانور چڪ پائي ٿو تہ هڪدم ان جانور کي چتو سمجهي مارڻ نہ گهرجي، بلڪہ ڪوشش ڪري ان جانور کي ١٠ ڏينهن تائين پنهنجي مشاهدي هيٺ رکجي. جيڪڏهن اهو جانور ١٠ ڏينهن اندر نٿو مري ۽ نہ ئي وري ان ۾ ريبيز جون علامتون نظر اچن ٿيون تہ پوءِ اهڙو جانورچتو بنهہ نہ آهي ۽ نہ ئي وري اهڙي جانور جي چڪ ڪانپوءِ ويڪسين جي ضرورت پوندي آهي. پر جيڪڏهن هن ان جانور ۾ ريبيز جون نشانيون نظر اچن ۽ اهو ١٠ ڏينهن اندر مري وڃي تہ پوءِ هڪدم بجاءِ ڪنهن وقت وڃائڻ جي ويڪسين لڳرائڻ شروع ڪجي.

چتي ڪتي لاءِ ويڪسين (ARV) سرڪاري اسپتالن ۾ بلڪل مفت لڳائي ويندي آهي. اسان وٽ عام استعمال ٿيندڙ ويڪسين مسلسل ١۴ ڏينهن تائين دن جي چوڌاري ڪل جي هيٺان لڳائي ويندي آهي. جڏهن تہ بوسٽر ڊوز آخري لڳل ويڪسين جي ١٠ ۽ ٢٠ ڏينهن تي ٻيهر لڳايو ويندو آهي.

هن عام استعمال ٿيندڙ ويڪسين کان علاوه هڪ ٻي ويڪسين پڻ موجود آهي جنهن کي HDCV چئجي ٿو. هن ويڪسين جا صرف ٦ ڊوز ڏوري ۾ 1/M لڳايا ويندا آهن. هيءَ ويڪسين عام استعمال ٿيندڙ ويڪسين جي مقابلي ۾ گهٽ تڪليفده پر وڌيڪ مهانگي آهي.

چتي جانور لاءِ ويڪسين عام طور بدڪ Duck جي ٻچي مان مختلف مرحلن ڪانپوءِ حاصل ڪئي ويندي آهي.

**احتياطي اپاءَ:**

ڪجهہ بيماريون اهڙيون ٿينديون آهن، جن جو احتياط علاج کان وڌيڪ اهميت رکندو آهي، جن ۾ ريبيز پڻ اچي وڃي ٿي. بيماريءَ کان اڳواٽ بچاءَ لاءِ هيٺين ڳالهين کي صحيح نموني سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ گهرجي.

(١) جيترو ٿي سگهي تہ گهر ۾ ڪتا، ٻليون ۽ اهي جانور جيڪي هن بيماريءَ جو سبب بڻجن ٿا تن کي گهر ۾ بنهہ نہ پالجي.

(٢) جيڪڏهن ڪنهن کي ڪتن وغيره جي پالڻ جو هرويرو شوق هجي تہ اهڙن جانورن کي اڳواٽ ئي احتياطي طور ويڪسين لڳائي ڇڏجي.

(٣) ڪنهن بہ چتي جانور جي ويجهو نہ اچجي ۽ جيترو جلدي ٿي سگهي تہ ان جانور کي مارجي.

(۴) جيڪڏهن خدانخواستہ ڪنهن انسان کي ريبيز جي بيماري ٿي پوي تہ ان کي گهر جي باقي ڀاتين کان الڳ رکجي.

(٥) ڊاڪٽرن، حڪيمن، نرسن، ڊسپينسرن ۽ ٻئي طبي عملي کي ڪنهن بہ چتي جانور جي چڪ پاتل ماڻهو کي ويڪسين لڳائڻ يا ڦٽ وغيره جي ملم پٽي ڪرڻ وقت انتهائي احتياطيءَ سان ڪم ڪرڻ گهرجي.

References


(1) Britinica Encylopedia (R)

(2) Dorlands Medical Dictionary

(3) Mossbay:'s Medical and Nursing Dictionary.

(4) Recommedations for Immumization of the Adult (PSP)

# ٿولهه گهٽايو
# جيئڻ سکو

فرحانه امام ميمڻ
شڪارپور

جيڪڏهن توهان وزن جي گهٽائيءَ ۾ مبتلا آهيو ته ان عذاب کان ضرور واقف هونديون جيڪو ٿلهائپ سان گڏ ئي عورتن تي نازل ٿيندو آهي. جسم بدنماءَ بي ڊولو ٿي وڃي ته ڪوبه ڪپڙو بدن تي نه ٺهندو آهي، ڪا تعريفي نظر توهان تي نه ٿي پوي.

هي سڄي صورتحال خاص ڪري عورتن لاءِ خوفناڪ قسم جي ڊپريشن جو سبب بڻجي ٿي جيڪو ڏينهن رات انهن تي مسلط هوندو آهي. ڪجهه عورتون ان ٿلهائپ کان نجات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن ۽ ان ۾ ناڪاميءَ ڪانپوءِ ذهني طور تي اهو طئه ڪري ڇڏين ٿيون ته هاڻي سڄي زندگي ائين ٿلهيون ئي رهنديون. هڪ دفعو مايوسيءَ جو هي دور شروع ٿئي ته پوءِ عورتون هر طرح جو احتياط ڇڏي ڏين ٿيون. بس پوءِ کائڻ پيئڻ شروع ڪن ۽ پوءِ احتياط ختم. نتيجي ۾ اڃا وڌيڪ ٿلهيون ٿي وڃن ٿيون.

هڪ جديد طبي تحقيق مطابق دنيا جي عورتن لاءِ اميد جو هڪ نئون ڪرڻو روشن ٿيو آهي. آمريڪن هيلٿ فورم جي هڪ رپورٽ مطابق (جنهن کي صحت جي عالمي اداري شايع ڪيو آهي). ٿلهائپ هڪ عام پر علاج قابل مسئلو



آهي، جنهن کي ڪجهه معمولي اصولن تي پابنديءَ سان عمل ڪري ختم ڪري سگهجي ٿو. ”رپورٽ مطابق ٿلهائپ دنيا جو هڪ اهم مسئلو آهي ۽ غذا ۽ کائڻ پيئڻ وارين شين جي باري ۾ شعور وڌڻ سان دنيا جي شهري علائقن ۾ صحت جي بنيادي صورتحال بهتر ٿي آهي“.

رپورٽ مطابق ٿلهائپ جو سڀ کان اهم ۽ عام سبب گهڻو کائڻ پيئڻ آهي. دنيا جي مختلف علائقن ۾ مختلف غذائون استعمال ڪيون وڃن ٿيون جيڪي صحت جي لحاظ سان ڪجهه نقصانڪار آهن. گهڻي کائڻ کان هاضمي جو سرشتو خراب رهندو آهي. السر جي شڪايت عام ٿيندي وڃي ٿي. بلڊ پريشر جو وڌي وڃڻ ۽ دل جون بيماريون وڌي رهيون آهن.

رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته ٿلهن ماڻهن جو بدن پنهنجي توانائين جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ گهڻي ماني گهري ٿو. رپورٽ مطابق هن وقت دنيا جي لڳ ڀڳ ١٧ سيڪڙو آبادي ٿلهائپ ۾ ڦاٿل آهي، جنهن ۾ گهڻو حصو عورتن جو آهي.

آمريڪي هيلٿ فورم جي ماهرن جو چوڻ آهي ته اهڙيون ٿلهيون عورتون جن کي ڏينهن ۾ گهڻي بک لڳي ٿي، باقاعده طبي مشوري کانسواءِ ڊائيٽنگ هرگز ڪرڻ نه گهرجي. رپورٽ مطابق ٿلهن

ماڻهن کي وزن گهٽ ڪرڻ لاءِ ماني گهٽ کائڻ بجاءِ پنهنجي غذا تي توجهه ڏيڻ گهرجي. انهن کي کائڻ لاءِ اهڙين شين جو استعمال ڪرڻ گهرجي جن ۾ سٽپ گهٽ هجي، ڪيلوريز گهٽ ۽ توانائيءَ سان ڀريل هجن. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته گهڻو کائڻ واري عادت هڪدم ختم نه ڪرڻ گهرجي، پر ان جي بجاءِ اهڙيون غذائون استعمال ڪرڻ گهرجن، جيڪي انهن جي بک به ختم ڪري سگهن ۽ ٿلها به نه ٿين.

رپورٽ ۾ اهي بنيادي اصول به ٻڌايا ويا آهن جن تي عمل ڪري ٿلهيون عورتون نه فقط پنهنجو وزن گهٽائي سگهن ٿيون پر هڪ صحتمند زندگي به گذاري سگهن ٿيون. رپورٽ ۾ هدايت ڪئي وئي آهي ته:

* بک کان بچڻ لاءِ ڏينهن ۾ ٥-٦ دفعا کائو پر ٿورو ٿورو- ميوا ۽ سبزيون کائيندا رهو.
* کاڌو کائڻ مهل هر گرهه جي وچ ۾ ٣٠-٤٠ سيڪنڊن جو وقفو ڪيو.
* کائڻ ۾ سبزي ضرور واپرايو.
* چانهه ڦڪي استعمال ڪريو.
* گهمندي ڦرندي کاڌو نه کائو. کاڌي کائڻ مهل نه ڪتاب پڙهو ۽ نه ٽي ٽي وي ڏسو.
* کاڌي کائڻ مهل هڪ طعام استعمال ڪريو.
* سنهي پيسيل اٽي بجاءِ چاڻ وارو اٽو استعمال ڪريو.
* کاڌو هلڪي باهه تي پچايو ته جيئن انهن جي غذائيت برقرار رهي.
* روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ گلاس تازي ميوي جو جوس ضرور استعمال ڪريو.
* کاڌو کائڻ کانپوءِ اڌ ڪلاڪ بعد ١٥ منٽ تيز تيز هلڻ چلڻ جي ڪوشش ڪريو.
* ٦ ڪلاڪن کان وڌيڪ هرگز ننڊ نه ڪريو.سڄو ڏينهن حرڪت ڪنديون رهو.
* گهر جي صفائي سٿرائي ۽ ٻارن جي سنڀال دنيا جي سڀ کان وڏي ورزش آهي ان طرف توجهه ڏيو.

آمريڪن هيلٿ فورم جي ان رپورٽ مطابق ڪجهه مهينن تائين انهن احتياطي تدبيرن ۽ رهنما اصولن تي عمل ڪرڻ سان عورتون نه فقط پنهنجو وزن گهٽائي سگهن ٿيون، پر پنهنجي صحت ۽ سٺائي حاصل ڪري سگهن ٿيون. ان رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته انهن اصولن تي مسلسل عمل ڪرڻ سان ٿي جسم صحتمند ۽ فٽ رهي ٿو. انهن اصولن کي ڇڏي ڏيڻ ۽ مسلسل بي احتياطي ڪرڻ سان ٿلهائپ هڪ دفعو وري ٿي سگهي ٿي.

مٿين اصلن تي عمل ڪرڻ ڪو مشڪل ڪم نه آهي ۽ جيڪڏهن مشڪل هجي ته به صحتمند ۽ فٽ رهڻ لاءِ هي سودو مهانگو نه آهي.

# ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم جا ميمبر توجهه ڏين

ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم کي باقاعدي منظم ڪرڻ لاءِ سيني اهڙن شهرن مان فورم جي ميمبرن کان ان شهر جي برانچ آرگنائيزر لاءِ درخواستون گهرائجن ٿيون، جتي فورم جا 7 يا 7 کان وڌيڪ ميمبر هجن. درخواست سان گڏ پنهنجي شناختي ڪارڊ جي فوٽو ڪاپي ۽ تعليمي اهليت وارين سندن جون تصديق ٿيل فوٽو ڪاپيون موڪلڻ ضروري آهن.

**"ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم"**

> اصل ۾ پريشاني کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي سمجهڻ لازمي آهي، انهي ڪانپوءِ به جيڪڏهن پريشاني دور نه ٿي ته ڪنهن ماهر نفسيات وٽان باقاعده علاج ڪرايو وڃي ته ماڻهو بلڪل نارمل ۽ خوش ٿي سگهي ٿو.

ٿيڻ جو سبب به اهوئي آهي، جنهن ڪري پيٽ ۾ سور، ماني نه وڻڻ وغيره جي شڪايت ٿيو پوي.

صحت جي هڪ ٻي رسالي موجب اهي ماڻهو جيڪي رات جو پريشان رهن ٿا، انهن ۾ وارن جو ڇڻڻ، مٿي جو سور، ننڊ نه اچڻ، ڪراڙپ جا آثار (جسم تي گهنج، وارن جو اڇو ٿيڻ، آواز جو سنهو ٿيڻ، ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي حِسَ متاثر ٿيڻ وغيره) عام ٿيو پوي.

هن دور ۾ مسئلا ۽ پريشانيون هر ماڻهو کي ٿورا گهڻا آهن، تنهن ڪري ڪوشش اها ڪئي وڃي ته ماڻهو پنهنجي پريشاني گهٽ ڪري ۽ گهڻي کان گهڻو خوش رهي. روزانو ورزش کي پنهنجو معمول بڻائجي، اهي ڳالهيون يا اهڙا ڪم جنهن سان پريشاني ٿئي، انهن کان پري رهجي، پنهنجو پاڻ کي صاف ستھرو رکجي، پنهنجي معمول (Routine) ۾ تبديلي آڻجي، پنهنجي زندگي جو نئين سر کو مقصد ناهي ۽ انهيءَ لاءِ ڀرپور محنت ڪجي.

سيني کان اهم ڳالهه جيڪا پريشاني کان بلڪل محفوظ رکندي اها آهي (نماز). مذهبي ڳالهين ۾ دلچسپي ونجي ته يقين سان ماڻهو پريشاني کان پري رهندو ۽ پنهنجي زندگي خوش خوش گذاريندو.

اهي نوجوان جنهن جي عمر ١٣ کان ١٩ سال اهي، انهن ۾ اڪثر ڪجهه وقتي پريشاني ٿيو پوي، جنهن لاءِ وڌيڪ پريشان نه ٿجي، انهي لاءِ پنهنجي ڪنهن وڏي عمر جي دوست يا ڊاڪٽر سان رابطو ڪري سگهجي ٿو.

اصل ۾ پريشاني کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي سمجهڻ لازمي آهي، انهي ڪانپوءِ به جيڪڏهن پريشاني دور نه ٿي ته ڪنهن ماهر نفسيات وٽان باقاعده علاج ڪرايو وڃي ته ماڻهو بلڪل نارمل ۽ خوش ٿي سگهي ٿو.

## ويچ جون اعزازي ڪاپيون گهرندڙ توجهه ڏين

گهڻي وقت کان وني ويچ کي اهڙي قسم جا خط ملندا رهن ٿا جن ۾ مختلف شهرن اندر قائم ٿيل لائبريرين ۽ سماجي ادارن لاءِ يا ڪي فرد ذاتي طور اعزازي ڪاپين جي گهر ڪري رهيا آهن. ان سلسلي ۾ اداري جي واضح پاليسي هيٺ ڏجي ٿي.

١- انفرادي طور اعزازي ڪاپي صرف ويچ جي ليکڪن ڏانهن موڪلي سگهجي ٿي.

٢- ڪنهن به سماجي تنظيم کي اعزازي ڪاپي ان صورت ۾ موڪلي ويندي جڏهن اهي درخواست سان گڏ پنهنجي تنظيم جي رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ جي فوٽو ڪاپي موڪليندا.

٣- ڪنهن به لائبريري لاءِ اعزازي ڪاپي گهرائڻ واسطي ان شهر جي مختيارڪار/ميونسپل ڪاميٽي/ٽائون ڪاميٽي/يونين ڪائونسل/اسڪول جي هيڊماسٽر يا ويچ جي مقرر ڪيل نمائندي (اگر ڪنهن شهر ۾ آهي) کان تصديق ٿيل درخواست موڪلڻ گهرجي. اگر لائبريري هلائيندڙ ادارو رجسٽر ٿيل آهي ته ان اداري جي رجسٽريشن جي فوٽو ڪاپي موڪلڻ ڪافي آهي.

"ادارو"

# اين آءِ ٽي فرام پري ڪواليفائيڊ ڪانٽريڪٽرس

## سنڌ رورل واٽرسپلاءِ اينڊ سينيٽيشن پروجيڪٽ
## پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمنٽ
## گورنمنٽ آف سنڌ

سنڌ رورل واٽر سپلاءِ اينڊ سينيٽيشن پروجيڪٽ (آءِ ڊي اي اسسٽيڊ) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمنٽ گورنمنٽ آف سنڌ سان لاڳاپيل صرف هيٺين ڪمن لاءِ پري ڪواليفائيڊ ڪانٽريڪٽرس/فرمن کان بيهر ٽينڊر گهرائجن ٿا.

| جريان نمبر | اسڪيم جو نالو |
|---|---|
| 1- | رورل ڊرينيج اسڪيم جهنڊو ڪوسو<br>(آءِ ڊي اي اسسٽيڊ) اسڪيم<br>ڊسٽرڪٽ حيدرآباد |

ٽينڊرس تاريخ 97-08-16 کان جاري ڪيا ويندا ۽ 1997-09-01 تي واپس ورتا ۽ کوليا ويندا.

وڌيڪ تفصيل هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

صحيح
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن -II
حيدرآباد

انفرميشن/ڪراچي-2345/97

# ڪي. ڊي. اي

# ٽينڊر نوٽيس

ايگزيڪيوٽو انجنيئر (اي اينڊ ايم) ڊويزن سوڪ سينٽر ڪي ڊي اي گلشن اقبال ڪراچي هيٺين ڪمن لاءِ ڪي ڊي اي وٽان تسليم ٿيل اهڙن ٺيڪيدارن کان مهربند ٽينڊر ڀيهر گهرائي ٿو، جن سال 97-1996 لاءِ تجديدي فيءَ جمع ڪرائي هجي. ۽ لفٽن ۽ ايئرڪنڊيشن ايڪوئپمنٽس (چلر پلانٽ) جي مينٽيننس جي فيلڊ ۾ تجربو هجي. اهڙن ٺيڪيدار ۽ ڪمپنيون جن کي لفٽن ۽ ايئرڪنڊيشن ايڪوئپمنٽس (چلر پلانٽ) جي فيلڊن ۾ وڏيڪ تجربو هجي، سي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (اي اينڊ ايم) سوڪ سينٽر ڊويزن ڪي ڊي اي جي اجازت سان ٽيندر فارم جي خريداري ڪانپوءِ پڻ واڪ ۾ حصو وٺي سگهن ٿا.

| جريان نمبر | ڪم جو نالو | ڪٿيل رقم | سوٽي رقم جو امائونٽ |
|---|---|---|---|
| -1 | سوڪ سينٽر بلڊنگ ڪي ڊي ۾ نصب ٿيل اي سي ايڪوئپمنٽ (چلر پلانٽ) جي سروسنگ ۽ مينٽيننس | 571400.00 روپيا | 11428.00 روپيا |
| -2 | سوڪ سينٽر بلڊنگ ڪي ڊي ۾ نصب ٿيل 10 عدد انجنيئرنگ لفٽن جي مينٽيننس ۽ سروسنگ. | 476000.00 روپيا | 9520.00 روپيا |

(1) ٽينڊر ڪيشيئر (Dev) ڪي ڊي اي گرائونڊ فلور سوڪ سينٽر وٽان سيريل نمبر-1 جي ورڪ لاءِ 750.00 رپيا في سيٽ جي ادائگي سان سيريل نمبر 2 جي ورڪ لاءِ 500.00 روپيه في سيٽ جي ادائگي سان، جيئن مٿي ترتيب سان ڏيکاريل آهي، ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي ٽينڊرن کلڻ واري تاريخ کان اڳاٽو خريد ڪري سگهجن ٿا. سوٽي رقم جنهن جي ڪُٿ 11428.00 روپيا ۽ 9520.00 روپيا ترتيب سان سيريل نمبر 1 ۽ 2 جي ڪمن لاءِ مٿي ڏيکاريل آهي، حصو وٺندڙ ٺيڪيدارن پاران ڪنهن به نيشنلائيزڊ بئنڪ ۾ جمع ڪرائي ڪي ڊي اي جي نالي ۾ پي آرڊر حاصل ڪرڻو پوندو. جيئن ته اها سوٽي رقم ٺيڪيدارن جي خريداري مهل ڪيشيئر (Dev) ڪي ڊي اي وٽ پريزنٽ ڪرڻي پوندي.

(2) ٽينڊر، اسٽاف انجنيئر (Dev) ڪي ڊي اي چوٿين ماڙ سوڪ سينٽر گلشن اقبال ڪراچي جي آفيس ۾ موجود ٽينڊر باڪس ۾ تاريخ 1997-09-03 تي صبح جو 11 وڳي تائين ڊپازٽ ڪرڻا پوندا، جيڪو باقاعدگي سان مهربند هئڻ گهرجي ۽ ساڳئي ڏينهن تي اتي موجود واڪ ڏيندڙن جي موجودگي ۾ کوليو ويندو.

(3) شرطن وارو ڪوبه ٽينڊر ڪونه مڃيو ويندو.

(4) اٿارٽي ڪنهن به هڪ يا مڙني ٽينڊرن کي بنا ڪنهن سبب ٻڌڻ جي مڃڻ يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

(5) ڪمن جي ڊرائنگ ۽ ڊزائين هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع روم نمبر C-910، نائين ماڙ سوڪ سينٽر بلڊنگ ڪي ڊي اي ۾ آفيس اوقات جي دوران ڏسي سگهجن ٿا.

صحيح
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
اي اينڊ ايم ڊويزن سوڪ سينٽر
ڪي ڊي اي

ڪي ڊي اي-40
انفرميشن/ڪراچي-2349/97

وِهَنْ ويڄن وَٽ، جي سِکين تہ سَکهو ٿيين (شاهہ)

ماهوار ويڄ ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

## جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا تہ:

- صحت جي سجاڳي آڻيندڙ سنڌي ٻولي جو هي نرالو رسالو ماهوار "ويڄ" باقاعدگيءَ سان اوهانجي هٿ ۾ هر مهيني پهچي ۽ سنڌي جو هي نرالو رسالو بنا ڪنهن مالي بحران جي هلندو رهي.
- ٻولي جي واڌاري ۽ ارتقا ۾ اوهانجو حصو شامل هجي.

## تہ پوءِ:

- اڄ ئي ماهوار "ويڄ" جي سالياني خريداري جو ڪوپن ڀري موڪليو.
- ڪوپن سان گڏ ساليانى خريداري جو چندو =/200 روپيا/ ڇهہ ماهي خريداري جو چندو =/100 روپيا بئنڪ ڊرافٽ ذريعي موڪليو
- بئنڪ ڊرافٽ "ماهوار ويڄ" (Monthly WAIJ) جي نالي ۾ ٺهيل هجي.
- ساليانى خريداري جو چندو موڪلي اوهان ماهوار ويڄ پنهنجي دوستن ۽ پيارن کي سڄي سال لاءِ تحفي طور بہ موڪلي سگهو ٿا. اسان توهانجي دوست/ عزيز کي رسالي موڪلڻ سان گڏ اهو اطلاع ڪنداسين تہ رسالو ڪنهن جي پاران تحفو ٿيل آهي.
- ڪوپن ۽ بئنڪ ڊرافٽ هيٺين پتي تي عام پوسٽ واري لفافي ذريعي موڪليو

| |
|---|
| مئنيجنگ ايڊيٽر ماهوار ويڄ، جي.پي.او باڪس نمبر 568 ڪراچي |

نوٽ: چيڪ ۽ مني آرڊر قابل قبول نہ هوندو. هر ساليانى خريدار کي ساليانى فيءَ جي بدلي رسالي جا 12 پرچا موڪليا ويندا.

# خريداري جو فارم

منهنجو/ منهنجي دوست / عزيز جو نالو ماهوار "ويڄ" جي ساليانى / ڇهہ ماهي خريدارن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو وڃي. مان ساليانو / ڇهہ ماهي چندي جو بئنڪ ڊرافٽ ۽ پنهنجا / پنهنجي دوست/ عزيز جا تفصيل هن فارم ۾ شامل ڪري موڪليان پيو.

نالو (ذات سان گڏ): ____________________

ائڊريس: ____________________

____________________

شامل بئنڪ ڊرافٽ جو نمبر ____________________

صحيح ____________ تاريخ ____________


آپ کا حُسن دوبارہ آشکارا!
این فرینچ
ھیئر ریمُووَر
یہ بِنا کسی جلن یا اُلجھن، جلد کی تہہ میں پہنچ کر
تمام غیر ضروری بالوں کو صاف کرتی ہے
اور اس کے کنڈیشنر کا جادوئی اثر جلد کی
قُدرتی ملائمت اور دلکشی کو سامنے
لاتا ہے۔ اس طرح آپ حَسین ہونے کے
ساتھ ساتھ حَسین نظر بھی آتی ہیں۔
Anne French
creams away hair
THE BEAUTIFUL WAY
NEW FACIAL QUALITY
FACIAL QUALITY
Anne French
cream hair remover
CREAMS AWAY HAIR FROM FACE, LEGS, ARMS AND UNDERARMS
56 gms.
این فرینچ
واقعی خیال رکھتی ہے!